# اسم مُحَمَّد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جون برڪتون

**05-October-2023**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان
(for Islamic Brothers)

5 آڪٽوبر 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اسم مُحَمَّد (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ) جون برڪتون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... عشق رسول ۾ آڳوڻا چمڻ جون برڪتون

✿... قبر جي سوالن کان ڇوٽڪارو ملي ويو...!

✿... لفظ مُحَمَّد جي اعداد ۾ عجيب راز

✿... لفظ محمد جي هر حرف جون جدا حڪمتون

✿... پٽ جو نالو مُحمَّد رکو تہ ان جي عزت ڪيو

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

| | |
|---|---|
| اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه | وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه |
| اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه | وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه |

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرتِ سَيِّدُنَا وَهب بن مُنَبِّہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي تہ بَني اِسرائِيل ۾ هڪ اهڙو شَخص هو جنهن پنهنجي زِندگي جا ٻہ سؤ سال، اللّٰه پاڪ جي نافرماني ۾ گُذاريا، انهيءَ نافرماني جي عالَم ۾ ان جو موت واقع ٿي ويو، بَني اِسرائِيل وارن ان جي مُردَه جِسم کي پڪڙي گِهليندي گندگي جي ڍير تي اڇلائي ڇڏيو، اللّٰه پاڪ پنهنجي نبي حضرت مُوسيٰ ڪلِيمُ اللّٰه عَلَيْهِ السَّلَام جي طرف وَحي موڪلي تہ ان شخص کي اُتان کان کڻو ۽ ان جي تَجهيز ۽تڪفِين ڪري ان جي نَمازِجنازه پڙهو. حضرتِ مُوسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ماڻهن کان ان جي مُتعلِّق پُڇيو، تہ اُنهن ان جي بَد ڪردار هئڻ جي گواهي ڏني، حضرت مُوسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام اللّٰه پاڪ جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو: "يا رَبّ پاڪ! بَني اِسرائِيل تہ ان (شخص) جي بَدڪردار هئڻ جي گواهي ڏئي رهيا آهن تہ ان پنهنجي زِندگي جا ٻہ سؤ سال تنهنجي نافرماني ۾ گُذاريا آهن؟" اللّٰه پاڪ حضرتِ مُوسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي طرف وَحي فرمائي تہ هي بيشڪ بَد ڪردار هو، پر ان جي هي عادت هئي تہ جڏهن بہ تَورات شريف پڙهڻ جي لاءِ کوليندو هو ۽ مُحَمَّد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي مبارڪ نالي جي طرف ڏسندو هو تہ ان کي چُمي ڪري پنهنجي اکين سان لڳائيندو هو ۽ اُن تي دُرُود پڙهندو هو، بس مون ان جي انهيءَ عَمل جي قَدر ڪئي ۽ ان جي گُناهن کي مُعاف فرمائي ڪري ان جو نڪاح سترّ (70) حُورن سان ڪري

ڇڏيو آهي. (حلية الاولياء،جلد:4،صفحہ:45،رقم:4695)

| | |
|---|---|
| اَعمال نہ دیکھے یہ دیکھا | محبوب کے کُوچے کا ہے گدا |
| مولا نے مجھے یوں بخش دیا | سُبْحٰنَ اللہ! سُبْحٰنَ اللہ! |

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا تہ شان آهي درود شريف پڙهڻ واري جو...!! اندازو لڳايو! انسان گنهگار آهي، ان ٻہ سؤ سال گناهن ۾ گذاري ڇڏيا پر هُو محبوبِ خُدا محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت ڪندو هو، انهيءَ محبت ۾ سرشار ٿي ڪري درود پاڪ پڙهندو هو ۽ درود شريف بہ ڪيترو پڙهندو هيو...؟؟ روايتن ۾ اهو بيان ناهي ٿيو تہ هي ٻانهو روزانو هزار ڀيرا درود شريف پڙهندو هو، روزانو 500 ڀيرا درود پاڪ پڙهندو هو، 200، 300، 400 ڀيرا درود پاڪ پڙهندو هو، نہ..! نہ، روزانو درود شريف پڙهڻ جو ذڪر ناهي بلڪ تورات شريف کوليندو هو، ان وقت درود شريف پڙهندو هو، الله پاڪ کي ان جي اها ئي ادا پسند اچي وئي ۽ ربّ ڪائنات ان جا 200 سالن جا گناهہ بہ معاف فرمائي ڇڏيا، ان کي جنت بہ عطا فرمائي ڇڏي ۽ وڌيڪ ڪرم مٿان ڪرم اهو ٿيو تہ 70 جنتي حورن سان سندس نڪاح ڪري ڇڏيو.

هاڻي ٿورو غور ڪيو! هي تہ بني اسرائيل جو هڪ شخص هو، ان تي ايترو ڪرم ٿيو اسان تہ غلامانِ مصطفيٰ آهيون، اسان پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا امتي جيڪڏهن درود شريف پڙهون ۽ ڪڏهن ڪڏهن نہ بلڪ روزانو پڙهون، ٿورو نہ بلڪ ڪثرت سان پڙهون تہ اسان تي الله پاڪ جون ڪهڙيون ڪهڙيون رحمتون وسنديون..؟ انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي تہ روزانو پابندي سان ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ جي عادت بڻايون.

| | |
|---|---|
| ہر دَم مری زباں پہ دُرُود و سلام ہو | میری فُضُول گوئی کی عادَت نِکال دو [1] |
| ہوں دُرُود و سَلام میرے لب پہ مُدام | ہر گھڑی دَم بدم، تاجدارِ حرم [2] |

---

[1] ...وسائلِ بخشش ،صفحہ:305۔

[2] ...وسائلِ بخشش ،صفحہ:249۔

## عشق رسول ۾ آڱوٺا چمڻ جون برڪتون

وڏيڪ هن روايت مان هي بہ معلوم ٿيو تہ عشق و محبت ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي پاڪ کي چمڻ بہ الله پاڪ جي رضا ملڻ جو ذريعو آهي. مقاصد الحسنہ ۾ آهي: هڪ ڀيرو اَذان ٿي رهي هئي، جڏهن مؤذن اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ الله پڙهيو تہ عاشق اڪبر حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ان کي دهرايو(يعني جيئن مؤذن چيو، ايئن ئي ڪين چيو) پوءِ پنهنجا ٻئي آڱوٺا چمي ڪري اکين سان لڳايا، سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي يارِغار جي هي ادا ڏسي تہ فرمايائون: مَنْ فَعَلَ مِثْلَ مَا فَعَلَ خَلِيْلِي فَقَدْ حَلَّت عَلَيْهِ شَفَاعَتِي يعني منهنجي پياري دوست جيئن ڪيو، جيڪو بانهو ايئن ئي ڪري، ان جي لاءِ منهنجي شفاعت حلال ٿي وئي. (المقاصد الحسنہ،حرف الميم،صفحہ:440،تحت الحديث:1019)

امام حسن مجبتي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جڏهن مؤذن چئي: اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ الله جيڪو بانهو هي ٻڌي ڪري چئي: مَرْحَبًا بِحَبِيْبِیْ وَ قُرَّةُ عَيْنِیْ مُحَمَّدِ بْنِ عَبْدِ الله پوءِ ٻئي آڱوٺا چمي ڪري پنهنجي اکين تي رکي، تہ اهو ڪڏهن بہ نابينا نہ ٿيندو، نہ ئي ان جون اکيون اٿنديون. (المقاصد الحسنہ،حرم الميم،صفحہ:441 ،تحت الحديث:1019)

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! اسان کي بہ دل ۾ عشق رسول جي محبت وڌائڻ گهرجي، جڏهن بہ نالو مبارڪ محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون، چاهي اَذان ۾، اقامت ۾، عام ڳالهہ ٻولهہ ۾ جڏهن بہ ٻڌون تہ محبت رسول ۾ آڱوٺا چمي ڪري، اکين تي لڳائي ڪري اَدب سان درود شريف پڙهندا ڪيون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون.

لب پر آجاتا ہے جب نامِ جناب، منہ میں گھل جاتا ہے شہدِ نایاب
وَجد میں ہوکے ہم اے جاں بیتاب اپنے لب چُوم لیا کرتے ہیں[1]

---

[1]...حدائقِ بخشش،صفحہ:114۔

وضاحت: اسان جي پيارا آقاء مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! جو نالو مبارڪ (محمد صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم) جڏهن اسان جي چپن تي ايندو آهي تہ خالص ماکي وانگر وات ۾ ملي ڪري سڄي جسم کي راحت ۽ سڪون پهچائيندو آهي، انهي خوشي ۾ چپ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان ملي ڪري هڪٻئي کي چمي ونندا آهن.

ياد رهي! نماز جي دوران، قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ جمعي جو خطبو ٻڌڻ وقت نالو مبارڪ محمد صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم اچي تہ ان وقت آڱونا نہ چمڻ گهرجن. نماز ۾ ان جي منع جو سبب تہ ظاهر آهي، قرآن پاڪ ۽ خطبو ٻڌندي وقت انهيءَ ڪري آڱونا نٿا چمي سگهون چوتہ ان وقت تمام ڪم ڪار روڪي ڪري مڪمل توجهہ سان خطبو يا تلاوت ٻڌڻ جو حڪم آهي. آڱونا چمڻ ۾ هي احتياط بہ ڪيو تہ چمڻ جو آواز نہ نڪري. (فتاوىٰ رضويہ،جلد:22 ،صفحہ:316 خلاصةً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [1]

اي عاشقانِ رسول! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو تہ نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير ٿي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...بخاري، ڪتاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1ـ

## قبر جي سوالن کان ڇوٽڪارو ملي ويو

منقول آهي: (مراڪش جي شهر) فاس ۾ هڪ نيڪ عورت رهندي هئي، ان جي عادت هئي تہ جڏهن بہ ان کي ڪا تنگي، پريشاني ايندي هئي تہ اها پنهنجي هٿ پنهنجي منهن تي رکندي ۽ اکيون بند ڪري چوندي هئي: مُحَمّد صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ (سو نالي محمد جي برڪت سان ان جي پريشاني دور ٿي ويندي هئي). جڏهن ان عورت جو وصال ٿيو تہ ڪنهن عزيز کيس خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: اوهان قبر ۾ سوال ڪرڻ وارن ٻن ملائڪن مُنۡكَر نَكِيۡر کي ڏنو؟ ان جواب ڏنو: ها! اهي مون وٽ آيا هئا. انهن کي ڏسي ڪري مون پنهنجي عادت مطابق پنهنجي هٿ پنهنجي منهن تي رکي ڪري چيو: محمد صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم. جڏهن مون منهن تان هٿ هٽايا تہ اهي ٻئي ملائڪ وڃي چڪا هئا. (شواہد الحق،الباب السادس ،الفصل الثانی فی ذکر من استغاث بہ ...الخ،صفحہ:230 ملتقطاً۔)

گنہگاروں کی اس سے مشکلیں آسان ہوتی ہیں
نہ کیونکر سب سے بڑھ کر نام ہو پیارا مُحَمَّد کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْبِ! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## چڱيون عادتون اپنائڻ جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! هن ايمان اَفروز واقعي ۾ جتي اسان جي آقا و مولیٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري نالي مُحَمّد جي برڪتن جو ذڪر آهي، گڏو گڏ هن مان اهو بہ سکڻ جي لاءِ ملي رهيو آهي تہ اسان کي دنيا ۾ سٺيون عادتون اپنائڻ گهرجن، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هي چڱيون عادتون قبر و حشر ۾ نجات جو ذريعو بڻجي وينديون. مثلاً ❀ سُنتِ مصطفيٰ تي عمل ڪندي هر شيءِ ساڄي هٿ سان ڏيڻ ۽ وٺڻ جي عادت اپنايو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! قيامت جي ڏينهن جڏهن اعمالنامو ڏنو ويندو تہ ساڄو ئي هٿ اڳتي وڌندو ۽ جنهن کي

ساڃي هٿ ۾ اعمالنامو ملي ويو، اهو جنت ۾ ويندو. انهيءَ طرح دنيا ۾ مصيبت ۽ پريشاني جي وقت ابتو سبتو ڳالهائڻ بدران چڱا جملا واتان ڪڍڻ جي عادت بڻايو، مثال طور ڪا مشڪل اچي، پريشاني اچي ته اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْن پڙهڻ جي عادت بڻايو، حَسْبِیَ الله (مونکي الله ئي ڪافي آهي) چئو! يارسول الله! مدد...!! چوندا ڪيو، جيڪڏهن اوهان اهڙا سنا جملا چوڻ جي عادت بڻائيندؤ ته جڏهن قبر ۽ حشر جي گهٻراهٽ جو سامنو ٿيندو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! عادت جي مطابق زبان مان اهي ئي جملا نڪرندا ۽ الله پاڪ چاهيو ته مشڪل آسان ٿي ويندي آهي،

مُحَمَّد کا لطف و عطا اللہ! اللہ! | مری رُوح و دِل پر ہُوا اللہ! اللہ!
مُحَمَّد مُحَمَّد وظیفہ ہے میرا | مُحَمَّد کی ہر دَم نِدا اللہ! اللہ!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## پيارن نالن جي شمار ڪرڻ ممڪن نه آهي

اي عاشقانِ رسول! اسان جي آقا و مولٰي، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي بلند شانن منجهان هڪ شان اهو به آهي ته سندن ڪوڙ نالا آهن، پياري آقا صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي پياري سيرت تي لکيل ڪتاب مواهِبُ اللَّدُنيه ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جا 800 نالا مبارڪ لکيل آهن. سيّدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون جڏهن تحقيق ڪئي ته 1400 نالا مليا، وڌيڪ فرمائن ٿا: (هي ته اهي نالا آهن جيڪي منهنجي علم ۾ آهن، نه ته) پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ نالن جي شمار ڪرڻ ممڪن نه آهي. (فتاوىٰ رضويه،جلد:28 ،صفحه:365-366 خلاصةً)

## مختلف هنڌن تي مختلف نالا

اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جوته تمام مخلوق جا نبي

آهن، انهي ڪري هر مخلوق ۾ هر جڳهه پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري نالن جي ڌوم آهي. تابعي بزرگ حضرت ڪعب الاحبار رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا:

❀ جنت وارن ۾ سندن نالو عَبْدُ الْكَرِيْم آهي. ❀ دوزخ وارن ۾ عَبْدُ الْجَبَّار آهي ❀ عرش وارن ۾ عَبْدُ الْحَمِيْد آهي ❀ ملائڪن ۾ عَبْدُ الْمَجِيْد آهي ❀ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام وٽ عَبْدُ الْوَهَّاب آهي ❀ جنن ۾ سندن نالو عَبْدُ الرَّحِيْم آهي ❀ جبل سندن عَبْدُ الْخَالِق چوندا آهن. ❀ خشڪي ۾ سندن نالو عَبْدُ الْقَادِر آهي. ❀ سمنڊن ۾ عَبْدُ الْمُهَيْمِن آهي. ❀ مڇيون ڪيس عَبْدُ الْقُدُّوس چونديون آهن. ❀ وحشي جانور ڪيس عَبْدُ الرَّزَّاق چوندا آهن. ❀ شيطان وٽ عَبْدُ الْقَهَّار آهي، ❀ درندا(يعني چيرڦاڙ ڪرڻ وارا جانور) ڪيس عَبْدُ السَّلَام چوندا آهن ❀ چوپايا(مثلاً ڳئون، مينهن ٻڪري وغيره) ڪيس عَبْدُ الْمُؤْمِن جي نالي سان سڃاڻن ٿا ❀ پکي عَبْدُ الْغَفَّار جي نالي سان پڪاريندا آهن ❀ الله پاڪ وٽ سندن نالو طٰهٰ آهي ۽ مؤمنن وٽ سندن سيني کان مشهور ۽ معروف نالو مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم آهي ۽ سندن ڪنيت مبارڪ: ابو القاسم آهي چوته پاڻ جنت تقسيم ڪرڻ وارا آهن.

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ . ( القول البديع،الباب الاول،الفصل الرابع فی بیان اسمائہ،صفحہ:84 ملتقطاً۔)

ملی رہنمائی مُحَمَّد کے صدقے | بنی ہے خُدائی مُحَمَّد کے صدقے
یہ شمس و قمر، کہکشاں اور تارے | یہ محفل سجائی مُحَمَّد کے صدقے
بنی ہے کسی کی جو بگڑی کسی سے | خُدا نے بنائی مُحَمَّد کے صدقے
سبھی مشکلیں ان کی آسان ہوں گی | جو دَیں گے دُہائی مُحَمَّد کے صدقے

# قرآن ڪريم ۾ اِسمِ مُحَمّد

پيارا اسلامي ڀائرو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري نالي محمد صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي سان قرآن ڪريم جي هڪ پوري سورت بہ موجود آهي، جيڪا 26 سيپاري ۾ آهي.

ان کان علاوه اسمِ محمد قرآن ڪريم ۾ ڪُل 4 ڀيرا آيو آهي: (1) سيپارو:4، سورت آل عمران، آيت:144 ۾ (2) سيپارو: 22 سورت اَحزاب، آيت: 40 ۾ (3) سيپاري 26، سورت مُحمّد، آيت: 2 ۾ ۽ (4): سيپارو 26، سورت فتح، آيت: 29 ۾. اچو! حصول برڪت جي لاءِ انهن مان هڪ آيت ڪريمہ ٻُڌي ونون ٿا. الله پاڪ فرمائي ٿو.

| | |
|---|---|
| مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَاۤ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَ لٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَ خَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِيْمًا ﴿۴۰﴾<br>(پاره:22، الاحزاب:40) | ترجموڪنزالعرفان: محمد توهان جي مَردن مان ڪنهن جو پيءُ نہ آهي پر الله جو رسول آهي ۽ سڀني نبين جي آخر ۾ تشريف وٺي اچڻ وارو آهي ۽ الله سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ وارو آهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| مُحَمَّدِ مصطفےٰ! | سب سے آخری نبی! | احمدِ مجتبیٰ! | سب سے آخری نبی! |
| آمنہ کا لاڈلا! | سب سے آخری نبی! | شاہِ ہر دوسرا! | سب سے آخری نبی! |
| تاجدارِ انبیا! | سب سے آخری نبی! | ہیں حبیبِ کبریا! | سب سے آخری نبی! |
| عقیدہ سب صحابہ کا! | سب سے آخری نبی! | عقیدہ اَہْلِ بیت کا! | سب سے آخری نبی![1] |

[1] ... وسائلِ فردوس، صفحہ:51 ملتقطًا۔

## پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ نالو ڪڏهن رکيو ويو؟

پياري ۽ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ولادت مبارڪ ٿي وئي تہ سندن ڏاڏي سائين حضرت عبدالمطب رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ سندن نالو پاڪ مُحَمَّد رکيو ۽ ان بابت ڪيئي روايتون بہ آهن تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ هڪ خواب ڏٺو، جنهن جي تعبير ۾ ٻڌايو ويو تہ سندن جي اولاد مان هڪ شخص ايندو، جنهن جي اوپر ۽ اولهہ وارا سيئي پيروي ڪندا ۽ زمين ۽ آسمان ۾ انهن جي تعريف ڪئي ويندي، انهيءَ طرح پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري امڙ سائڻ سيّده آمنہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهَا بہ هڪ خواب ڏٺو: ڪو چوڻ وارو چئي رهيو هو: اي آمنہ! اوهان وٽ هن اُمّت جو سردار اچڻ وارو آهي، جڏهن انهن جي ولادت ٿي تہ سندن نالو مُحَمّد رکجو! سو جڏهن سندن ولادت باسعادت ٿي تہ انهن جو نالو مبارڪ محمد رکيو ويو. (مواهب اللدنيہ،المقصد الثانی،الفصل الاول فی ذکر اسمائہ الشريفہ...الخ،جلد:1،صفحہ:364ملتقطاً۔ )

هي سڀ ڳالهيون هن ظاهري دنيا جي اعتبار سان آهن، نہ تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو نالو پاڪ محمد ڪڏهن رکيو ويو هيو، علامہ ابن جوزي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: جڏهن الله پاڪ پنهنجي نور مان مصطفي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نُور کي پيدا ڪيو تہ ان پاڪ نور ربّ ڪريم جي بارگاهہ ۾ سجدو ڪيو، پوءِ جڏهن سجدي کان مٿو کنيو تہ چيائين: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ (سيئي تعريفون الله جي لاءِ آهن). ان وقت ربّ ڪائنات فرمايو: لِذٰلِكَ خَلَقۡتُكَ وَ سَمَّيۡتُكَ مُحَمَّدًا يعني اي پيارا محبوب! مان اوهان کي انهيءَ ڪري ٺاهيو ۽ اوهان جو نالو محمد رکيو. (شہد سے میٹھا نامِ محمد،صفحہ:28-29)

آنکھوں کا تارا نامِ مُحَمَّد ۔۔۔ دِل کا اُجالا نامِ مُحَمَّد
اللّٰہُ اکبر رَبُّ العلا نے ۔۔۔ ہر شَے پہ لکھا نامِ مُحَمَّد
ہیں یُوں تو کثرت سے نام لیکن ۔۔۔ سب سے ہے پیارا نامِ مُحَمَّد
شیدا نہ کیوں ہوں اس پر مسلماں ۔۔۔ رَبّ کو ہے پیارا نامِ مُحَمَّد (1)

[1]...قبالۂ بخشش، صفحہ:133ملتقطاً۔

## اسمِ مُحمّد جي معنيٰ

مصطفيٰ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت متعلق لکيل معتبر ڪتاب روضُ الاُنُف ۾ آهي: مُحمّد جي لفظي معنيٰ آهي: اَلَّذِیْ یُحْمَدُ حَمْدًا بَعْدَ حَمْدٍ يعني اها ذات جن جي تعريف هرهر ڪئي وڃي. (الروض الأنُف،ولادة رسول الله،جلد:1،صفحہ:310)

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو، حضرت محمد صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم اها عظيم هستي آهي جن کي باربار ساراهيو پيو وڃي، هزار ڀيرا ساراهيو پيو وڃي ۽ ڪڏهن کان ساراهيو پيو وڃي؟ جڏهن کان سندن نالو مُحَمَّد رکيو ويو آهي، هي نالو پاڪ ڪڏهن کان رکيو ويو آهي؟ سڀ مخلوق جي پيدائش کان به هزارين سال اڳ رکيو ويو، هن مان معلوم ٿيو ته جڏهن زمين و آسمان، عرش و ڪرسي، لوح و قلم، جن، انسان ۽ ملائڪ ڪجهه نه هو، ان وقت به مُحَمّد مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ساراهه ڪئي پئي وئي، هاڻي به هي ساراهه ڪئي پئي وڃي ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! قيامت تائين بلڪ قيامت کان بعد جڏهن جنتي جنت ۾ ويندا، تڏهن به پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون نعتون هلنديون رهنديون.

دولت جو چاہو دونوں جہاں کی | کر لو وظیفہ نامِ مُحَمَّد
اللہ والا دَم میں بنا دے | اللہ والا نامِ مُحَمَّد (1)

## هرعيب کان پاڪ محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي هتي هڪ ڳالهه تي غور ڪيو! مثال طور(***For Example***) جنهن انسان ۾ هزار خوبيون هجن، پر ان ۾ ڪي عيب به هجن ته ان جي صرف تعريف نٿي ڪري سگهجي، جيڪو سندس خوبيون ڏسندو ته ان جي تعريف ڪندو، جيڪو سندس عيب تي نظر ڪندو، اهو ان جي برائي

---

[1] ...قبالۂ بخشش، صفحہ:133۔

بيان ڪندو، اهڙو شخص جنهن ۾ چاهي لڪين خوبيون هجن پر ان ۾ ڪي عيب به هجن ته ان جي صرف تعريف نٿي ٿي سگهي، برايون به ٿينديون پر قربان وڃو! الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم کي مُحَمّد بڻايو آهي، يعني اها عظيم هستي جن جي هرهر گهڙي، هر زماني، هر هنڌ، زمين و آسمان جي وُسعتن ۾ صرف تعريف ئي تعريف ڪئي ويندي آهي، لهٰذا ان نالي پاڪ ئي مان معلوم ٿي ويو ته مُحَمّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم اهي عظيم هستي آهن جيڪي هر نقص ۽ عيب کان پاڪ آهن.

وہ کمالِ حُسنِ حُضُور ہے کہ گمانِ نقص جہاں نہیں
وہی پھول خار سے دُور ہے، یہی شمع ہے کہ دُھواں نہیں[1]

وضاحت: حُسن مصطفيٰ اهڙو بيمثال آهي جو ان ۾ ڪنهن قسم جو عيب هجڻ ته پري جي ڳالهه، ڪنهن عيب جو خيال تائين ناهي، هي اهو نرالو گُل آهي جنهن ۾ ڪندو ناهي، هي اُها بي مثال شمع آهي جنهن جي روشني ته آهي پر دونهون ناهي.

## دشمن به تعريف ڪرڻ تي مجبور

پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! الله پاڪ پنهنجي محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم کي ڪيتري نه خوبصورت ۽ پياري نالي سان نوازيو آهي. روايتن ۾ آهي: ڪافر جن کي خوبيون ڏسڻ نصيب ئي ناهي، اهي صرف عيب ئي عيب ڏسندا هئا، انهن به جڏهن محبوبِ رحمٰن، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي بُرائي بيان ڪرڻ چاهي ته ان پاڪ ذات ۾ ڪو به عيب نظر نه آيو پر پوءِ به هُو برائي ڪرڻ کان باز نه آيا، جيئن ته جڏهن هُو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي برائي ڪندا هئا ته چوندا هئا: مُحَمّد هيئن آهي، محمد هونئن آهي. هاڻي انهن کي

---

[1] ...حدائقِ بخشش،صفحہ:107۔

پنهنجو پاڻ کان شرم ايندي هئي تہ اسان چئون ٿا مُحمّد(يعني جن جي تعريف ئي تعريف ڪئي وڃي) ۽ ڪيون وري برائي ٿا، سو انهن پنهنجي طرفان پاڻ سڳورن صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو هڪ بناوتي نالو رکي ڇڏيو، هاڻي انهن کي جڏهن بہ برائي ڪرڻي هوندي هئي تہ چوندا هئا: مُذَمَّم (يعني جنهن جي برائي ئي برائي ڪئي وڃي) اهي اهڙا آهن. جڏهن انهن هي انداز اپنايو تہ بخاري شريف جي حديث شريف ۾ آهي، سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم فرمايو: (اي منهنجا صحابہ!) ڇا توهان تعجب نٿا ڪيو تہ الله پاڪ مون کي ڪافرن جي گارين کان محفوظ رکيو آهي، هُو مُذَمَّم کي گاريون ڏين ٿا: وَ اَنَا مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جڏهن تہ مان مُذَمَّم ناهيان بلڪ محمد صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم آهيان. (بخاری،کتاب المناقب،باب ما جاء فی اسماء رسول اللہ ،صفحہ:903،حدیث:3533ملتقطاً)

سبحٰن الله! مولانا حَسن رضا خان صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيتري پياري ڳالھ چئي آهي:

اذاں کیا جہاں دیکھو ایمان والو | پسِ ذِکرِ حق ذِکر ہے مصطفےٰ کا
کہ پہلے زباں حمد سے پاک ہو لے | تو پھِر نام لے وہ حبیبِ خُدا کا[1]

**وضاحت:** اي ايمان وارؤ! ڏسو تہ اَذان هجي، ڪلمو هجي، مطلب هر هنڌ پهريان الله جو ذڪر ايندو آهي، پوءِ محبوب ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر پاڪ ايندو آهي، هن ۾ حڪمت ڇا آهي؟ حڪمت هي آهي تہ زبان کان پهريان ربّ ڪريم جو ذڪر هجي، ان کان زبان پاڪ ٿي وڃي، پوءِ پاڪ زبان سان محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو ورتو وڃي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...ذوق نعت، صفحہ:56۔

## خوبين وارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

پيارا اسلامي ڀائرو! معنيٰ جي لحاظ کان پياري نالي مُحمَّد جي هڪ ٻي خصوصيت آهي. غور فرمايو! جنهن انسان جون خوبيون محدود هجن، ان جي تعريف بہ محدود ٿيندي، مثلاً هڪ انسان جون 100 خوبيون آهن، هاڻي ان جي تعريف ڪرڻ شروع ڪيو، هڪ خوبي بيان ٿي، ٻي، ٽئين بيان ٿي، آخر 100 جون 100 خوبيون بيان ٿي وينديون تہ تعريف بہ ختم ٿي ويندي، اهڙي طرح ڪنهن جون لک خوبيون هجن، ان جي تعريف شروع ڪيو، آخر اها تعريف بہ ختم ٿي ويندي.

پر قربان وڃو! اسان جي آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پيارو نالو مُحَمَّد آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: اها ذات جنهن جي صرف تعريف يعني ساراهہ ئي ساراهہ ڪئي وڃي. مطلب هي آهي تہ مُحَمَّد اها ذات آهن جڏهن کان زمين ٺهي، جڏهن کان آسمان ٺهيو، جڏهن کان هي چنڊ، تارا، سج ٺهيا، جڏهن کان انسان، جنّ ۽ ملائڪ ٺهيا، ان کان بہ هزارين سال پهريان انهن جي ساراهہ ڪئي پئي وڃي ۽ قيامت تائين ٿيندي رهندي يعني هي اها ذات آهي جنهن جي تعريف جي انتها ناهي جڏهن تعريف جي ڪا انتها ناهي تہ خبر پئي انهن جي خوبين جي بہ ڪا انتها ناهي.

## جيڪڏهن سمنڊ مَس ٺهجي وڃي تہ بہ.....!!

اللّٰہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| قُلْ لَّوْ كَانَ الْبَحْرُ مِدَادًا لِّكَلِمٰتِ رَبِّیْ لَنَفِدَ الْبَحْرُ قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ كَلِمٰتُ رَبِّیْ وَ لَوْ جِئْنَا بِمِثْلِهٖ مَدَدًا ﴿۱۰۹﴾<br>(پاره:16، الڪهف:109) | ترجموڪنزالعرفان: اوهان فرمايو: جيڪڏهن سمنڊ منهنجي رب جي ڪلمن جي لاءِ مَس ٺهجي وڃي تہ ضرور سمنڊ ختم ٿي ويندو ۽ منهنجي ربّ جا ڪلما ختم نہ ٿيندا جيتوڻيڪ اسان ان جي مدد جي لاءِ انهيءَ سمنڊ جهڙو ٻيو سمنڊ آڻيو. |

هن آيت ڪريمہ ۾ لفظ **ڪَلِمَات** مان ڇا مراد آهي، ان متعلق مُفسرن جا مختلف اقوال آهي، شيخ محدث دهلوي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: اهل تحقيق جي نزديڪ ربّ جي **ڪلمات** مان مراد اسان جا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم آهن، هاڻي آيتِ ڪريمہ جو مطلب هي ٿيندو تہ جيڪڏهن سمنڊ جو پاڻي مَس بڻجي وڃي ۽ سڄي دنيا جا ليکڪ قلم کڻي هن پاڻي سان اوصافِ مصطفيٰ لکڻ شروع ڪن، جيتوڻيڪ ان سمنڊ جي برابر اوترو ئي پاڻي وڌيڪ اُن ۾ شامل ڪيو وڃي، پوءِ بہ **اها مَس ختم ٿي ويندي پر محبوب ڪريم** صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جا اوصاف ۽ ڪمالات ختم نہ ٿيندا.**

سيدي اعلي حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ڇا تہ خوب ڳالھ ڪئي آهي.

| | |
|---|---|
| تیرے تو وَصف عیبِ تناہی سے ہیں بَری | حَیراں ہوں میرے شاہ میں کیا کیا کہوں تجھے (1) |

**وضاحت:** ڪنهن شيءِ جو ختم ٿي وڃڻ بہ هڪ طرح جو عيب هوندو آهي. الله پاڪ پنهنجي محبوب کي هر عيب کان پاڪ رکيو آهي تہ اعلي حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ عرض ڪري رهيا آهن: اي پيارا محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! اوهان جا اوصاف، اوهان جون خوبيون ختم ٿي وڃڻ جي عيب کان بہ پاڪ آهن مان حِيران آهيان تہ اوهان جون ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون بيان ڪيان.

## لفظ مُحَمّد جي اعداد ۾ عجيب راز

پيارا اسلامي ڀائرو! شايد اسان سڀني کي خبر هوندي تہ لفظ مُحَمَّد جا اعداد ڪيترا آهن؟ 92. ياد رکندا! هي جيڪي 92 اعداد آهن، هي **عِلَمِ اَبجَد** جي اعتبار سان آهن. اعداد ڪڍڻ جو هڪ ٻيو بہ طريقو آهي، جنهن کي **عِلَمُ الْبَسَط** چوندا آهن، ان جي مطابق اسمِ محمد جا اعداد 92 نہ بلڪ 313 بڻجن ٿا. (الحقيقۃ المحمديہ، و من جواہر العارف باللہ الشيخ علی ...الخ،صفحہ:632خلاصۃً۔)

---

[1] ...حدائقِ بخشش،صفحہ:175۔

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: الله پاڪ ڪم و بيش 1 لک 24 هزار انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام موڪليا آهن، انهن مان جيڪي رسول آهن، انهن جي تعداد 313 آهي ۽ لفظ محمد جي عِلْمِ بَسْط جي اعتبار سان اعداد بہ 313 آهن، ان ۾ اشارو آهي تہ مُحَمّد انهن 313 رسولن جي اوصاف، انهن جي ڪمال، بلند مقام ۽ خوبين جا جامع آهن.

## تمام نبين جي وصفن جا جامع

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءُ تہ هڪ اشارو هو، نہ تہ سچي ڳالهہ هي آهي تہ پهريان جيترا بہ نبي ۽ رسول گذريا آهن، انهن سڀني کي جيتريون خوبيون، جيترا ڪمال عطا ڪيا ويا هئا، اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهي سڀئي وصف عطا ڪيا ويا آهن بلڪ حق تہ هي آهي جو انهن کي بہ جيڪو ڪجهہ مليو هو محبوبِ رحمٰن، نبين جي سُلطان صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ئي مليو هو. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ڪيترن ئي نبين جو ذڪر ڪرڻ کان بعد فرمايو:

| | |
|---|---|
| أُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ هَدَى اللّٰهُ فَبِهُدٰىهُمُ اقْتَدِهْ ؕ | ترجموڪنزالعرفان: هي ئي اهي (مقدس) هستيون آهن جن کي الله هدايت ڪئي تہ اوهان انهن جي هدايت جي پيروي ڪيو. |

مشهور مفسر قرآن، حڪيم الأُمّت مفتي اَحمديارخان نعيمي رَحْمَةُ الله عَلَيْه هن آيت جي تفسير ۾ لکن ٿا: يعني اي محبوب صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان گذريل نبين عَلَيْهِم السَّلَام کي ڪوڙ اوصاف ۽ ڪمال عطا فرمايا هئا، اوهان انهن تمام اوصاف و ڪمال جا جامع بڻجي وڃو تہ جيئن جيڪي ڪمال انهن ۾ هڪ هڪ، ٻہ ٻہ هئا، اهي سڀئي توهان ۾ جمع ٿين، حضور صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪيزه زندگي هن آيت جي واضح تفسير آهي. هن مان معلوم ٿيو، الله پاڪ پنهنجي محبوب کي صفتن جو جامع

ٻڌايو آهي يعني تمام نبين جا اوصاف ۽ ڪمال سندن ۾ جمع فرمائي ڇڏيا.

| | |
|---|---|
| نوح و خلیل و موسیٰ و عیسیٰ | سب کا ہے آقا نام مُحَمَّد |
| سارے چمن میں لاکھوں گلوں میں | گل ہے ہزارا نام مُحَمَّد |
| پائیں مرادیں دونوں جہاں میں | جس نے پُکارا نام مُحَمَّد (1) |

## اِسْمِ مُحَمّدﷺ ۽ عقيدهٔ ختم نبوت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري نالي مُحَمّد جي متعلق علماءِ ڪرام هڪ نهايت خوبصورت نڪتو بيان ڪيو آهي، فرمائن ٿا: لفظ مُحَمَّد حمد مان ٺهيو آهي ۽ حَمْد هميشہ آخر ۾ ڪئي ويندي آهي، جيئن. ❁ اسان ڪاڌو کائيندا آهيون تہ آخر ۾ اَلحَمْدُلله چوندا آهيون ❁ جڏهن پاڻي پيئندا آهيون تہ آخر ۾ اَلحَمْدُلله! چوندا آهيو انهيءَ طرح ڪوبہ ڪم هجي، اهو ڪري ڇڏڻ کان بعد حمد ڪئي ويندي آهي، ايستائين جو الله پاڪ اهل جنت جي متعلق فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَاٰخِرُ دَعْوٰىهُمْ اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰﴾ | ترجموڪنزالعرفان: ۽ انهن جي دعا جو اختتام هي آهي تہ تمام تعريفون ان الله جي لاءِ آهن جيڪو سمورن جهانن جو پالڻهار آهي. |

خبر پئي، حمد هميشہ آخر ۾ ئي ڪئي ويندي آهي، هاڻي گذريل سڀني نبين سڳورن جا نالا پڙهي ڏسو! انهن مان ڪنهن جو نالو مُحَمّد نہ هو، ڇو؟ انهيءَ ڪري جو اڃا نبوت جو سلسلو جاري هو، الله پاڪ سڀني کان آخر ۾ مُحَمّد مصطفيٰ، احمد مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي موڪليو، انهن جو نالو مبارڪ

[1]...قبالۂ بخشش، صفحہ:134 ـ

مُحَمّد رکي ڪري هي ٻڌايو تہ هاڻي حمد تي وئي، لهٰذا هاڻي انهن کان بعد ڪو نئون نبي نہ ايندو.

بعد آپ کے ہر گز نہ آئے گا نبی نیا | وَاللہ! ایماں ہے مرا، اے آخری نبی[1]

مُحَمَّدِ مصطفےٰ! سب سے آخری نبی! | احمدِ مجتبیٰ! سب سے آخری نبی!
آمنہ کا لاڈلا! سب سے آخری نبی! | شاہِ ہر دوسرا! سب سے آخری نبی!
تاجدارِ انبیا! سب سے آخری نبی! | ہیں حبیبِ کبریا! سب سے آخری نبی!
عقیدہ سب صحابہ کا! سب سے آخری نبی! | عقیدہ اَہْلِ بیت کا! سب سے آخری نبی![2]

## لفظِ مُحَمّد جي هر حرف جون جدا حڪمتون

پيارا اسلامي ڀائرو! پياري آقا جو پيارو نالو مُحَمّد نهايت ئي نرالو آهي. ان جي هرهر حرف ۾ جُدا جُدا حڪمتون آهن. هڪ ڀيرو خواجہ قمرُ الدين سيالوي تشريف فرما هئا ۽ نعت خواني ٿي رهي هئي، ان دوران هڪ نعت خوان هي شعر پڙهيو:

السلام! اے میم، حاء اور میم دال | السلام اے بے نظیر و بے مثال

اُن تي هڪ شخص عرض ڪيو: حضور! هن شعر ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي نالي مبارڪ کي جدا ڪري پڙهيو ويو آهي، هي تہ گستاخي آهي؟ خواجہ قمرالدين سيالوي رَحْمَۃُ اللّٰہ عَلَیْہ فرمايو: نہ...!! هي گستاخي ناهي ڇوتہ اسم مُحَمّد جي هر حرف جون بيشمار برڪتون آهن، انهيءَ ڪري عشق وارا ماڻهو هر هر اکر جون الڳ الڳ برڪتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ جدا جدا

---

[1]...وسائلِ فردوس،صفحہ:21۔

[2]...وسائلِ فردوس،صفحہ:51 ملتقطًا۔

پڙهندا آهن. پوءِ پاڻ عربي جو هڪ شعر پڙهيائون:

مُحَمَّدٌ مِيْمُهٗ مَوْتُ لِكُفْرٍ | حَيَاةُ الْقَلْبِ لِلْمُؤْمِنِ بِحَاهٍ
وَمِيْمٌ ثَانِيْ مَوْجُ الْمَوَاهِبِ | وَ دَالُ خَيْرٍ دَالٌّ لَا اِشْتِبَاهٍ

يعني محمد جي لفظ جو پهريون **ميم** ڪفر جي لاءِ موت آهي ۽ ان جي **حا** ۾ مسلمانن جي دل جي حيات(يعني زندگي) آهي، ان جو ٻيو **ميم** مواهب يعني پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عنايتن ۽ عطائن جي لهر آهي ۽ لفظ محمد جو **دال** هر ڀلائي جو رهنُما آهي. ان ۾ ڪا شڪ جي گنجائش ناهي. (وسائلِ فردوس،صفحه:51 ملتقطًا)

دونوں جہاں میں دُنیا و دِیں میں | ہے اک وسیلہ نامِ مُحَمَّد
مؤمن کو کیوں ہو خطرہ کہیں پر | دِل پر ہے کَندَہ نامِ مُحَمَّد
روزِ قیامت میزان و پُل پر | دے گا سہارا نامِ مُحَمَّد (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مُحمّد ٻنهي جهانن جا مالڪ و مختار آهن

سُبْحٰنَ الله! ڇا ته پيارو نالو آهي، ان جي هر حرف ۾ حڪمتون لڪيل آهن. درود پاڪ جي مشهور ۽ معروف ڪتاب دلائل الخيرات شريف ۾ آهي: مُحمَّد جي لفظ جي ٻنهي ميمن جو مطلب آهي: مُلْڪ (يعني بادشاهي)، حا جو مطلب آهي: رَحْمَت ۽ دال جو مطلب آهي: دَوَام (يعني هميشگي).

مطلب هي آهي ته مُلْڪ (يعني بادشاهتون) 2 آهن (1) هڪ دنيا جي بادشاهي ۽ (2) ٻئي آخرت جي بادشاهي، لهٰذا مُحَمَّد جي لفظ جي انهن 4 اکرن ۾ اشارو هن طرف آهي ته الله پاڪ ٻنهي جهانن جي رحمت ڀري، شفقت ۽ عنايت ڀري

[1]...انوارِ قمريه، صفحه:106 بتغير قليل۔

بادشاهي هميشه جي لاءِ مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عطا فرمائي ڇڏي آهي.

میم مئے توحید پلائے | اور حا حق سے آ کے مِلائے
دوسری میم مراد دِلائے | اور یہ دالِ مُحَمَّد یارو
دور کرے آلام، شہد سے میٹھا مُحَمَّد نام

میم سے ہے ہر دکھ کا مداوا | حا ہے حامیٔ ہر بیچارہ
دوسری میم یتیم کی ملجاء | دال بچا کر دوزخ سے
فردوس کا دے پیغام، شہد سے میٹھا مُحَمَّد نام

میم سے ہیں محبوب وہ رَبّ کے | حا سے حاکم عرب و عجم کے
دوسری میم سے مالک سب کے | دال سے داتا دونوں جہاں کے
جود ہے ان کا عام، شہد سے میٹھا مُحَمَّد نام

## اسم مُحَمّد جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پيارو پيارو نالو مُحَمَّد انتهائي خوبصورت هجڻ سان گڏوگڏ نهايت ئي بابرڪت بہ آهي، هن نالي مبارڪ جي برڪت سان دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلائيون ملنديون آهن، هدايت نصيب ٿيندي آهي، مشڪلاتون ٽرنديون ۽ بگڙيل قسمت سنورجي ويندي آهي.

## هر هڪ جو سهارو نالو مُحمّد

مَواهبُ اللّدُنّية ۾ آهي: الله پاڪ جڏهن عرش اعظم کي تخليق فرمايو تہ عرش تي الله پاڪ جي جلال جي ڪري هيبت طاري هئي، عرش ڏڪي رهيو هو، پوءِ ان تي لَااِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ لکيو ويو، ان سان عرش جي هيبت ويتر وڌي وئي، وڌيڪ ڏڪڻي طاري ٿي وئي هاڻي ان تي مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه لکيو ويو، رحمتِ ڪُل جهان،

محبوب رحمٰن صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي مبارڪ جي برڪت سان عرشِ اعظم جي اها هيبت واري ڪيفيت ختم ٿي وئي، عرش اعظم کي راحت ملي وئي.
(مواهب اللدنيہ، المقصدالخامس:الاسراءوالمعراج، جلد:2، صفحہ:388)

غم کی گھٹائیں چھائی ہیں سر پر | کر دے اشارہ نامِ مُحَمَّد
رنج و الم میں ہیں نام لیوا | کر دے اشارہ نامِ مُحَمَّد
بیڑا تباہی میں آ گیا ہے | دیدے سہارا نامِ مُحَمَّد
زخمی جگر پر مجروح دِل پر | مرہم لگا جا نامِ مُحَمَّد (1)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## وڻ تي اِسم مُحمد

علامہ يوسف بن اسماعيل نبهاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: هڪ بُزرگ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائي ٿو: هڪ ڀيرو منهنجو هندستان وڃڻ ٿيو، هڪ شهر ۾ پهتس، تہ اُتي مون هڪ وڻ ڏٺو جنهن جا ميوا بادام وانگر هئا، ان جون 2 کلون هيون، جڏهن کيس ڪوليو ويندو هو تہ اندران هڪ سبز رنگ جو پن نڪرندو هيو، جنهن تي قدرتي طور تي لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّد رَّسُوۡلُ الله لکيل هوندو هو، اُن شهر جا ماڻهون ان وڻ مان برڪتون حاصل ڪندا هئا، قحط سالي جي ڏينهن ۾ ان جي وسيلي سان دعا گهرندا هئا تہ مينهن وسي پوندو هو. (حجة الله على العالمين، الباب الثامن في بعض ما وجد مكتوبًا...الخ،صفحہ:158)

انهيءَ طرح جي هڪ روايت سيرت حلبيہ ۾ بہ موجود آهي، ان ۾ لکيل آهي: هندستان جي علائقي ۾ هڪ وڻ هيو، جنهن جا پن سائي رنگ جيان هئا، ان جي هر پن تي گهاٽي رنگ سان لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّد رَّسُوۡلُ الله لکيل هوندو هو. ان شهر جا رهڻ وارا چوتہ غير مسلم هئا، تنهنڪري هُو ان وڻ کي ڪٽي ڇڏيندا

[1] ...قبالۂ بخشش، صفحہ:135 ـ

هئا پر الله پاڪ جي قدرت جو هي وڻ ٻيهر سرسبز ۽ شاداب ٿي ويندو هو، هڪ پيرو انهن وڻ کي ڪٽي، ان جي پاڙن ۾ سيهو پري ڇڏيو پر ربّ پاڪ جي عظيم الشان قدرت تي قربان وڃُون! ڪجھ ئي ڏينهن کان بعد ان سيهي جي اندران وري ان وڻ جون 4 ٽاريون نڪري آيون ۽ هر ٽاري تي ڪلمو شريف لکيل هو. (هي حيرت انگيزي منظر ڏسي ڪري اهي سيئي مسلمان ٿي ويا،) ان ڪانپوءِ اهي ئي ماڻهو هن وڻ مان برڪتون حاصل ڪندا هئا. بيماري ۾ ان جون ٽاريون استعمال ڪندا هئا تہ کين شفا ملي ويندي هئي. (السيرة الحلبيہ،باب ما جاء من امر رسول اللہ ...الخ ،جلد:1 ،صفحہ:318)

مُحَمَّد ہی مُحَمَّد ہیں جہاں میں | مُحَمَّد کے ہیں جلوے ہر زماں میں
مُحَمَّد ہیں زمین و آسماں میں | مُحَمَّد ہیں مکان و لامکاں میں
مُحَمَّد باعثِ ایجادِ عالَم | مُحَمَّد ہیں خُدا کے ہر نشاں میں
ہے میٹھا شہد سے بھی نام اُن کا | بہاریں وہ ہی لاتے ہیں خزاں میں

## اسمِ مُحمّد جنت ۾ وٺي ويندڙ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هي تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي نالي مُحَمَّد جون برڪتون آهن، جيڪڏهن ڪو انسان هن اسم مبارڪ مان برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو يا پنهنجي ٻارن جو نالو مُحَمّد رکي تہ ان کي بہ ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون. ❀ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن وٽ پٽ ڄائو ۽ منهنجي محبت ۽ برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان جو نالو مُحَمّد رکي تہ اهو ۽ سندس پٽ ٻئي جنت ۾ ويندا. (ڪنز العمال،ڪتاب النڪاح،الباب السابع،الفصل الاول ،جز:16، جلد:8،صفحہ:175،حديث:45215) ❀ هڪ ٻي **حديث شريف** ۾ آهي: جنهن منهنجي نالي مان برڪت جي اُميد ڪندي منهنجي نالي تي نالو رکيو، قيامت تائين صبح ۽ شام ان تي برڪتون نازل ٿينديون

رهنديون. (الآحاد والمثاني لابن ابی عاصم،جلد:5،صفحہ:275،حديث:2800)

رکھو لحد میں جس دم عزیزو | مجھ کو سنانا نامِ مُحَمَّد
پڑھتی درودیں، دوڑیں گی حوریں | لاشہ جو لے گا نامِ مُحَمَّد
پوچھے گا مولیٰ لایا ہے کیا کیا | میں یہ کہوں گا نامِ مُحَمَّد
اپنے رضا کے قربان جاؤں | جس نے سکھایا نامِ مُحَمَّد [1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## رزق ۾ برڪت ٿي ويندي هئي

حضرت امام مالڪ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: مڪي جا ماڻهو پاڻ ۾ هي گفتگو ڪندا هئا ته جنهن گهر ۾ به مُحمد نالي جو ڪو ماڻهو هوندو آهي ته ان گهر ۾ برڪت ٿيندي آهي ۽ ان جي رزق ۾ ڪثرت ٿيندي آهي. (المنتقی شرح مؤطا امام مالک،کتاب الجامع،ما يکره من الاسماء،جلد:9 ،صفحہ:456)

## اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الکریم! ڇوڪرو پيدا ٿيندو

امام عطاء رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ته جيڪو اهو چاهي ٿو ته سندس گهر واريءَ جي حمل ۾ ڇوڪرو ٿئي ته ان کي گهرجي ته پنهنجو هٿ عورت جي پيٽ تي رکي ڪري چئي اِنْ کَانَ ذَکَرًا فَقَدْ سَمَّیْتُہٗ مُحَمَّدًا يعني جيڪڏهن هي ڇوڪرو ٿيو ته مان ان جو نالو محمد رکندس. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! ڇوڪرو ئي پيدا ٿيندو. (اجوبۃ المرضيۃللسخاوی، جز:1، صفحہ:381،تحت الحديث:100)

## بي ادبي نہ ٿئي

صدرُالشَّريعہ بدرالطَّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي

---

[1]...قبالۂ بخشش، صفحہ:134-135 ملتقطاً۔

رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: محمد ڏاڍو پيارو نالو آهي، هن نالي جي وڏي تعريف حديثن ۾ آئي آهي. جيڪڏهن تَصغير(يعني نالو بگڙڻ) جو انديشو نہ هجي تہ اهو ئي نالو رکيو وڃي ۽ هڪ صورت اها آهي تہ عقيقي جو اهو نالو هجي ۽ پڪارڻ جي لاءِ ڪو ٻيو نالو رکيو وڃي تہ جيئن نالو بگاڙڻ کان بہ بچي سگهجي.

## اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو طريقيڪار

اعليٰ حضرت، امام اهل سنت، مجدد دين و ملت، مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون پنهنجي سيني پٽن ڀائٽين جو عقيقي ۾ صرف مُحَمَّد نالو رکيو پوءِ مبارڪ نالي جي اَدَب ۽ سڃاڻپ جي لاءِ عُرفي نالا الڳ الڳ رکيا. (فتاوىٰ رضويہ،جلد:24،صفحہ:689)

## عاشق اعليٰ حضرت جو طريقيڪار

جڏهن شيخِ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ و مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان کنهن جو نالو رکڻ جي لاءِ درخواست ڪئي ويندي آهي تہ عام طور تي اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ان ٻار جو نالو: مُحَمّد ۽ سڏڻ جي لاءِ عُرفي نالو مثلاً: رَجب وغيره رکندا آهن.

## پٽ جو نالو مُحَمّد رکو تہ ان جي عزت بہ ڪيو

جڏهن ڪو شخص پنهنجي پٽ جو نالو مُحَمَّد رکي تہ ان سان سٺو سلوڪ ڪري ۽ ان جي عزت ڪري. مولا مشڪل ڪشاء حضرتِ علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: جڏهن توهان پُٽ جو نالو مُحَمَّد رکو تہ ان جي عزت ڪيو ۽ مجلس ۾ ان جي لاءِ جڳهہ ڪشاده ڪيو ۽ ان جي نسبت برائي جي طرف نہ ڪيو. (تاريخِ بغداد،جلد:3،صفحہ:305،رقم:1398) هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏهن ڇوڪري جو نالو محمد رکو تہ ان کي نہ ماريو ۽ نہ ئي محروم ڪيو. (مسندِ بزّار،جلد:9، صفحہ:327، حديث:3883)

# غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه اِسم محمد جو اَدب فرمايو

بَرّ صغير جي سيني کان وڏي محدث شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ الله عَلَيه جو اصل نالو مُحَمّد آهي. پاڻ فرمائن ٿا: هڪ پيرو مون خواب ڏٺو تہ مان غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ الله عَلَيه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. حاضرين مان ڪنهن غوث پاڪ رَحْمَةُ الله عَلَيه جن کي عرض ڪيو: محمد عبدالحق آيو آهي ۽ سلام عرض ڪري رهيو آهي. هي ٻڌندي ئي غوث پاڪ رَحْمَةُ الله عَلَيه اٿي بيٺا ۽ مون کي ڀاڪر پائي فرمايو: توتي جهنم جي باهہ حرام آهي. شيخ مُحقق رَحْمَةُ الله عَلَيه فرمائن ٿا: غوث پاڪ رَحْمَةُ الله عَلَيه جي هي عنايت انهيءَ ڪري هئي جو منهنجو نالو مُحَمّد آهي. (مدارج النبوت، باب پنجم، و ذکر فضائل آنحضرت، جلد:1، صفحہ:133)

مُحَمَّد نام لینے کو ہمیشہ | ادب کا چاہئے پہلے قرینہ
ان کے نام کا ذِکر مبارک | ہے فردوسِ بریں کا صِرف زینہ
رسولِ کبریا کا نامِ نامی | خُدا کی رحمتوں کا ہے خزینہ

مختلف اسلامي نالن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ ۽ ٻارن جا اسلامي نالا ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو ڪتاب "نالي رکڻ جا احڪام" جو مطالعو ڪيو. الله پاڪ اسان کي اسم مُحَمَّد مان برڪتون حاصل ڪرڻ، ان جو ادب ڪرڻ ۽ سڄي زندگي ان پاڪيزه نالي جو ورد ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتِماع

پيارا اسلامي ڀائرو! دِل ۾ عشق مدينہ وڌائڻ، يادِ مدينہ، ذِڪرِ مدينہ ڪرڻ، گُناهن ۽ فضوليات کان بچڻ، سني، بامقصد، سنتن ڀري ۽ نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول

سان وابستہ ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب حِصّو وٺو، اِن شَآءَ اللّٰه الڪرِيم! دُنيا ۽ آخرت ۾ ان جون بيشُمار برڪتون نصيب ٿينديون. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم آهي: هفتيوار اِجتِماع.

الحمد للّٰه! هر جمعرات جو نمازِ مغرب کان بعد ۽ ڪن هنڌن تي نمازِ عِشَاء کان بعد دعوتِ اسلامي جو هفتيوار سنتن ڀريو اِجتِماع ٿيندو آهي، جنهن ۾ تِلاوت، نعت، بيان ۽ ذِڪر ۽ دُعا ٿيندي آهي ۽ آخر ۾ سکڻ سيکارڻ جا حلقا پڻ لڳايا ويندا آهن، ايئن هفتيوار اِجتماع جي ذريعي نيڪيون ڪمائڻ ۽ عِلمِ دين حاصِل ڪرڻ جو خوب موقعو ملندو آهي. اوهان بہ پَڪي نيت ڪيو تہ اِن شَآءَ اللّٰه الڪرِيم! هر جمعرات پابندي سان پاڻ بہ هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪنداسين ۽ نيڪي جي دعوت ڏئي ٻين کي بہ گڏ وٺي ايندا سين.

## ٽيبل ٽينس جو شوقين ڪيئن سُڌريو...؟

ڪراچي جي رهندڙ هڪ اسلامي ڀاء جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هو مذهبي ذِهن نہ هئڻ جي ڪري فضوليات ۾ پنهنجا ڏينهن رات گذاري رهيو هو، گُناهن جو بہ سلسلو هو، ۽ ان کي ٽيبل ٽينس جو بيحد شوق هو، شام ٿيندي ئي ٽيبل ٽينس کيڏڻ ۾ مَصرُوف ٿي ويندو هو ۽ بعض اَوقات اهو سلسلو رات دير تائين جارِي رهندو، هڪ ڀيري دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاء ان کي ۽ ان سان گڏ کيڏڻ وارن کي نماز پڙهڻ ۽ هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت پيش ڪئي، اسلامي ڀائر ان کي مسلسل نيڪي جي دعوت پيش ڪندا رهيا، آخر هو ٽيبل ٽينس جو شوقين هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو، الحمد للّٰه! هفتيوار اجتماع جي برڪت سان آهستہ آهستہ ان جي دِل نرم ٿي وئي، ان جي اونداهہ دِل جي ڪارڻ

لهڻ لڳي، ان پنهنجي تمام گُناهن کان توبہ ڪئي ۽ فضوليات کي ڇڏي دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويو.

يہاں سُنتيں سيکھنے کو مليں گی | دِلائے گا خوفِ خُدا مدنی ماحول
تُو آپے نمازی، ہے دیتا نمازی | خُدا کے کرم سے بَنا مدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## فيضانِ حديث (Faizan e Hadees) موبائل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي بہ مختلف انداز سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، ان سلسلي ۾ اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي طرفان تمام پياري، نرالي ۽ نهايت فائدي مند موبائل ايپلي ڪيشن بنام ”فيضانِ حديث“ Play Store ۽ App Store تي پيش ڪئي وئي آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ حديثِ پاڪ جو تمام گهڻو پڙهيو ويندڙ ڪتابُ مِشْكٰوةُ الْمَصابِيح ۽ ان جي آسان اردو شرح مِراٰةُ المناجِيح شامل ڪئي وئي آهي، عنقريب هن ۾ حديثِ پاڪ جا ٻيا ڪتاب بہ شامل ڪيا ويندا.

ڪجهہ اهم خصوصيتون: ❁ هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان توهان مبارڪ حديثن کي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) بہ پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي گهرج جي موضوع جو مطالعو بہ ڪري سگهو ٿا ❁ سرچ آپشن بہ موجود آهي، جنهن جي مدد سان توهان مڪمل ڪتاب ۾ يا هڪ حديث ۾ مختلف الفاظ ۽ مڪمل جملو بہ سرچ ڪري سگهو ٿا ❁ اهڙيءَ طرح حديث پاڪ جا عربي الفاظ، ان جا ترجما ۽ شرح ۾ الڳ الڳ بہ سرچ ڪري سگهجي ٿو ❁ عُلماءِ ڪرام ۽ طلباء جي لاءِ هن ۾

حديثِ پاڪ جو عربي مَتن اعراب سان گڏ ۽ بنا اعراب جي، ٻنهي طرح ڏسڻ جي سهولت موجود آهي ❁ مطالعي جا نوٽس محفوظ ڪرڻ جي لاءِ پسنديده حديثن کي Favorite ڪرڻ جو آپشن به ڏنو ويو آهي ❁ اهڙيءَ طرح هن ايپلي ڪيشن ۾ مختلف فائونٽ ۽ ❁ حديثون شيئرنگ جي سهولت به ڏني وئي آهي.

اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هي ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪيو! پاڻ به حديثِ پاڪ جو فيضان لُٽيو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## وليمو ڪرڻ سنّتِ مصطفٰي آهي

2 فرامينِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ: (1): وليمو ڪيو توڙي جو هڪ ٻڪريءَ سان ئي ڪيو. (بخارى، كتاب:النكاح، باب:الوليمة ولو بشاة، صفحه:1329، حديث:5167ـ) (2) برو کاڌو ان وليمي جو آهي جنهن ۾ مالدار گهرايا وڃن ۽ غريب ڇڏيا وڃن. (بخارى، كتاب النكاح، باب من ترک الدعوة، صفحه:1331، حديث:5177)

اي عاشقانِ رسول !❁ وليمو ڪرڻ سنّتِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهي اسان جا آقا. مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ وليمو ڪندا هئا ❁ امُّ المؤمنين حضرت صفيه رَضِیَ اللّٰہ عَنْہا سان نڪاح جي وقت پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ وليمي ۾

[1] مشکوٰة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175

حَرِيسہ ڪارايو. (بخارى، كتاب:النكاح، باب:الوليمة ولو بشاة، صفحہ:1330، حديث:5169) **حَرِيسہ جي وضاحت**: ڪجور، مکڻ، ڪارڪون ۾ گيهه ملائي ڪري تيار ڪيل ڪاڌي کي ” حَرِيسہ “چيو ويندو آهي، انهن جا ڪوڙ قِسم آهن ۾ مختلف طريقن سان ٺاهيو ويندو آهي. ❁ اهڙيءَ طرح امُّ المؤمنين زينب رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہا سان نڪاح جي وقت پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ وليمي ۾ هڪ ٻڪري ذبح فرمائي، هي پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي طرفان ڪيل وليمن مان سيني کان وڏو وليمو هو. (بخارى، كتاب:النكاح، باب:الوليمة ولو بشاة، صفحہ:1330، حديث:5168)

**وليمي جي دعوت جي بابت مدني گُلَ**: وليمو مرد جي حيثيت جي مطابق آهي، مثال طور غريب آهي تہ پنهنجي حيثيت جي مطابق دعوت جو اهتمام ڪري، امير پنهنجي حيثيت جي مطابق (فتح البارى، كتاب:النكاح، باب:الوليمة ولو بشاة، جلد:9، صفحہ:293، تحت الحديث:5167) ❁ وليمو شاديءَ جي پهرين رات کان بعد ڪرڻ سنّت آهي، ڪجھ ماڻهو نڪاح کان پهريان ئي وليمو ڪري ڇڏيندا آهن، هن طرح ڪرڻ سان سنّت ادا نہ ٿيندي ❁ وليمي جي دعوت قبول ڪرڻ سنّت آهي، البتہ جنهن وليمي ۾ يا دعوت جي باري ۾ معلوم آهي تہ اتي خرافات (مثال طور ناچ گانا ٿيندا يا عورتون ۽ مرد گڏ ٿيندا) تہ اتي نہ وڃي (بہارِ شريعت، جلد:3، صفحہ:392، حصہ:16خلاصةً)

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم